ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ لکو.

# ٧ - درخواست



مانوارا هيڊماسٽر صاحب

ساڌُو واسواڻي، سنڌي وديالیہ، ڪولهاپور،

مهاراشٽر

تاريخ: ٥ نومبر ٢٠١٦ع

آدرڻيہ سائين،

وشيہ: موڪل وٺڻ بابت درخواست.

مان، مهڪ سُنيل ٽيڪچنداڻي، هن اِسڪول جي درجي ستين ’بي‘ جي شاگرد آهيان. ايندڙ ٢٥ نومبر تي اَحمداباد ۾، منهنجي پياري پاءُ مهيش جي شادي ٿيڻي آهي، مان اُن ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيان ٿي.

اَوهان صاحبن کي منهنجي نماڻي وينتي آهي تہ مونکي تاريخ ٢٣ نومبر کان ٢٩ نومبر تائين، هڪ هفتي لاءِ موڪل ڏيڻ جي عنايت ڪندا، مان اَوهان صاحبن جي تهدل شڪرگذار رهنديس.

مان اَوهانکي خاطري ٿي ڏيان تہ ڏنل موڪل وارن ڏينهن جو سمورو ڪم، واپس اَچڻ بعد وڌيڪ وقت ڏيئي پورو ڪنديس.

توهان هميشه اَسان شاگردن تي مهربان رهندا آيا آهيو، مونکي پوري اُميد آهي تہ منهنجو عرض قبولي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ جي اِجازت ڏيندا.

اَدبن سان اَوهانجي شاگرديائي،

مهڪ

**نوان لفظ:**

عنايت = مهرباني، مهربان = ديالو، شرڪت ڪرڻ = شامل ٿيڻ.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) مهڪ جي پاءُ جي شادي ڪڏهن ۽ ڪٿي هئي؟

٢) مهيش جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مهڪ گهٽِ ڏينهن جي موڪل گهُري؟

YP72LH

**هدايت :** ماسٽر شاگردن کي دستوري ۽ غير دستوري خط ۾ تفاوت سمجهائيندو.

**مشغولي:** ماسترن شاگردن اَخبار جي سمپادڪ ڏانهن، هوا ۾ وڌندڙ پردوشڻ بابت ڏيان ڇڪائيندي خط لکڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) هيٺين کي دستوري ۽ غير دستوري خطن ۾ ورهايو:-**

| نمبر | ڏانهن | وشيه | دستوري / غيردستوري |
|---|---|---|---|
| ۱. | دوست | اِنعام ملڻ تي واڌايون. | |
| ۲. | اَخبار سمپادڪ | شهر ۾ گندگيءَ جي آزار بابت | |
| ۳. | چاچي | آمريڪا ۾ نوڪري ملڻ بابت | |
| ۴. | ميونسپل اَڌڪاري | اِسڪولن ۾ ڪمپيوٽر آڻڻ بابت | |
| ۵. | اِسڪول هيڊماستر | في معاف ڪرڻ بابت | |


**(۲) پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ لاءِ ڪوبہ هڪ واڌاين جو ڪارڊ تيار ڪريو. هيٺ هڪ ناتال جي واڌاين جو ڪارڊ نموني طور ڏنل آهي.**




**خطن جا قسم ۽ ٽڪليون**



۱. اَنترديشي پتر



۲. پوسٽ ڪارڊ




۳. لفافو



۴. ٽڪليون